محبت اهلبيت عليهم السلام

ليکک :

آيت الله سيد مرتضىٰ مجتهدي سيستاني

سنديکار :

عبدالحفيظ پتافي

WWW.ALMONJI.COM

Email: info@almonji.com

ڪتاب "اسرار موفّقيّت" جي بحثن منجهان هڪ بحث جو ترجمو.

جيڪو هيستائين مختلف زبانن عربي، اردو، انگلش، آزربائيجان ۽ سنڌي ۾ ترجمي ۽ چاپ جا مرحلا طئي ڪري چڪو آهي.



فهرست مطالب

محبت جي ڪشش.....٧

خاندان وحي سان محبت:.....١٠

آسماني موجودات ۽ اهلبيت جي گهراڻي جي محبت: ٢٥

الله تعالي جي قرب جا ڪهڙا آثار آهن؟.....٢٧

اهبليت جي پنهنجن دوستن سان محبت:.....٣٠

اهلبيت جي گهراڻي سان محبت ڪرڻ وارن جون ذميداريون:..٣٦

1_ مودت پيدا ڪرڻ، ٣٦

2_ اهلبيت جي چاهيندڙن سان محبت.....٣٨

3_ اهلبيت جي دشمن کان بيزاري ڪرڻ.....٣٨

٤_ وحي جي گهراڻي جي پيروي.....٤٤

٥_ ٻين ماڻهن جي دلين تائين اهلبيت جي محبت کي منتقل ڪرڻ.....٥٠

سچي محبت:.....٥١

ڪوڙي محبت:.....٥٧

نچوڙ.....٦٠

قُلْ لاأَسْئَلُكُمْ عَلَيْهِ أَجْراً إِلاَّ
الْمَوَدَّةَ فِي الْقُرْبى

محبت جي ڪشش

محبت پنهنجي ڪشش جي ڪري، محبت ڪرڻ واري (مُحب) کي پنهنجي محبوب ڏانهن متوجھ ڪري ٿي ۽ مُحب پنهنجي فڪر ۽ عقيدي کي محبوب جي من ۾ داخل ڪري ٿو. ان بنا تي محبت جيتري وڌيڪ هوندي محب ۽ محبوب جي درميان ايتري ئي روحاني هيڪڙائي وڌيڪ ٿي ويندي آهي، ان ڪري جيتري محبت وڌيڪ هوندي آهي ان ۾ اوتري ڪشش پيدا ٿيندي آهي جيڪا محبوب ۽ محب کي هڪ ٻئي ڏانهن متوجھ ڪندي آهي ان جي ڪري انهن ٻنهي جا اثرات هڪ ٻئي تي اثر انداز ٿيندا آهن، جئين ٻن جاڙن ٻارن ۾ محبت هوندي آهي انهن ٻنهي جي درميان هڪ قريبي رشتو هوندو آهي ان حالت ۾ ان اثر کي تمام سھڻي نموني سان سمجھي سگھجي ٿو ڪجھ سال پھريان لنڊن ۾ رھڻ واري هڪ چوڪري بيمار ٿي اها ايتري تہ بيمار ٿي جو اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو اتي ڊاڪٽرن معائنو ڪرڻ کان پوءِ چيو تہ اها

چوڪري ڳورهاري آهي ليڪن عجيب ڳالهه اها هئي ته ان چوڪري جي اچان شادي ٻه ڪونه ٿيل هئي!!!

ڪجهه ٿيستون ڪرڻ کانپوءِ اها ڳالهه ٻه واضح ٿي ته اها ڳورهاري ٻه ناهي پر اها چوڪري اسپتال جي بستر تي درد جي ماري ڪڏهن ساڃي ته ڪڏهن کابي ڪروٽون پئي ورتيون ان جي سموري بدن مان پگهر جاري هيو. ڊاڪٽرن جي اڻ ٽڪ محنت کانپوءِ ان چوڪري کي ڪجهه آرام آيو ؛ مسڪرائي ڪري چيائين الله جو شڪر هاڻي مان آرام سان آهيان مونکي پٽ ڄميو آهي .

ڊاڪٽرن سوچيو ته شايد اسان جو واسطو ڪنهن چري چوڪري سان پيو آهي ليڪن بعد ۾ خبر پئي ته نينگر چري ٻه ناهي ان کان پوءِ خبر پئي ته ان ساڃئي وقت جنهن وقت ان چوڪري کي لنڊن ۾ درد ٿيو ان جي جاڙي پيٽ جيڪا آسٽريا

جي شهر (وين) ۾ حمل جي ڪري اسپتال ۾ داخل ٿي جنهن کي هڪ پٽ ڄميو هيو[١].

اهڙا حالات ماڻهن ۾ محبت جي ڪري پيدا ٿيندا آهن، ڪڏهن وڌيڪ محبت، محب کي مادي قيدن کان آزاد ڪري هزارين ميل پري پنهنجي محبوب سان ملائي ٿي جهڙي ريت ڪڏهن ڪڏهن بخار جي گرمائش جسم مان روح جي نڪرڻ يا نہ ڏسڻ وارن شين کي درڪ ڪرڻ جو سبب بڻجي ٿي، اهڙي طرح محبت جي گرمي محبت ڪرڻ واري کي ظاهري عالم مان ٻاهر ڪڍي محبوب تائين پهچائي ٿي محبوب سان ملڻ ان جو ديدار ڪرڻ ان جذبي ۽ ڪشش جي ڪري هوندو آهي جيڪو محبت جي شدت جي ڪري پيدا ٿئي ٿو ڪڏهن محبت علمي مجهولات کي ڪشف ڪرڻ ۾ مدد ڪندي آهي چو جو دانشورن جو نا معلوم شين تائين پهچڻ سان ئي انهن جو علم سان محبت ۽ چاهه وڌندو آهي ۽ انهن کي ان مقصد

---

١. عجائب حس ششم ص ٣٤

تائين پهچائڻ ۾ مدد ڪندو آهي، واضح لفظن ۾ ائين چئي سگهجي ٿو تہ: وڌيڪ محبت ۽ چاهت انهن کي دقيق علمي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿي جنهن جي نتيجي ۾ اهي دانشور نامعلوم شين تائين پهچندي جديد مسئلن جي ڳولها ۾ ڪاميابي حاصل ڪن ٿا.

خاندان وحي سان محبت:

محبت ۽ دوستي ۾ حيات بخش آثار موجود آهن ان ڪري انسان کي گُهرجي تہ هو پنهنجي محبت کي سهڻي طريقي ۽ بهترين مقصد جي طرف ان جي راهنمائي ڪري ان جي ڪري پاڻ سڳورن صلىٰ الله عليہ وآلہ وسلم جن انسان کي اهلبيت عليهم السلام سان محبت ڪرڻ جو حڪم ڪيو تہ جئين ان محبت جي ڪري ماڻهن کي آلودگين کان محفوظ ڪيو وڃي ۽ سنيون عادتون انهن ۾ پيدا ٿين جيڪي انهن کي ڪمال تائين پهچڻ ۾ مدد ڪن ۽ خدا جو مقرب بڻائن ۾ جو پاڻ سڳورن صلىٰ الله عليہ وآلہ وسلم ۽ ان جي اهلبيت

عليهم السلام سان محبت سان الله تعالىٰ جو قرب حاصل ڪري سگهي ٿو.

روايتن ۾ اهلبيت عليهم السلام عصمت و طهارت سان محبت کي خدا جي تقرب جو بهترين وسيلو قرار ڏنو ويو آهي پاڻ سڳورا صلىٰ الله عليہ وآلہ وسلم فرمائن ٿا:

لِكُلِّ أَمْرٍ سَيِّدٌ وَحُبِّي وَحُبُّ عَلِيّ عليه السلام سَيِّدُ ما تَقَرَّبَ بِهِ الْمُتَقَرِّبُونَ مِنْ طاعَةِ رَبِّهِمْ[٢]

هر شي جو هڪ سرادر آهي منهنجي ۽ علي جي محبت انهن شين جي سردار آهي جن جي ذريعي الله تعالي جو قرب حاصل ڪري سگهجي ٿو جيڪا پالڻهار جي اطاعت آهي.

اها روايت ان ڳالهہ جي واضح دليل آهي تہ اهلبيت عليهم السلام سان محبت ڪرڻ، الله جي حڪمن جي

---

٢. بحار الانوار ج ٢٧ ٢ ١٢٩

پيروي ۽ ان جي قرب جو ذريعو آهي پاڻ سڳورڻ صلىٰ الله عليہ وآلہ وسلم جن ٻئي مقام تي ارشاد فرمايو آهي:

حُبُّ عَلِيِّ بْنِ أَبِي طالِبٍ يُحْرِقُ الذُّنُوبَ كَما تُحْرِقُ النَّارُ، الْحَطَب[٣]

حضرت علي بن ابيطالب عليهما السلام جي محبت گناهن کي ائين ختم ڪري ٿي جئين باھ ڪاٺين کي ساڙي راک بڻائي ٿي.

ان روايت مان سمجھ ۾ اچي ٿو تہ علي عليہ السلام جي محبت گناهن جي وجود کي ختم ڪري ٿي ۽ سندس محبت گناهن جا پھاڙا ڪيرائي ڇڏي ٿي انهن گناهن کي انسان جي وجود مان ٻاهر ڪڍي هميشہ لاءِ ختم ڪري ڇڏي ٿي. اميرالمؤمنين حضرت علي ابن ابيطالب عليهما السلام جي محبت نہ رڳو گذريل گناهن جي اثرن کي ختم ڪري ٿي بلڪہ هڪ اهڙي مضبوط ديوار وانگر انسان کي اڳتي بہ

---

٣. بحار الانوار ج ٣٩ ص ٢٦٦

گناهن کرڻ کان روکي ٿي اهلبيت عليهم السلام جي محبت ۽ اطاعت سان انسان پنهنجي پاڻ کي گناهن کان بچائي سگهي ٿو پاڻ سڳورا صلىٰ الله عليہ وآلہ وسلم جن فرمائن ٿا تہ:

الا وَمَنْ أَحَبَّ عَلِيّاً لايَخْرُجُ مِنَ الدُّنْيا حَتَّى يَشْرِبَ مِنَ الْكَوْثَرِ وَيَأْكُلَ مِنْ طُوبى وَيَرى مَكانَهُ فِي الْجَنَّةِ[٤]

جاڻ ونو! جيکو بہ علي عليہ السلام سان محبت کندو ايتري تائين هن دنيا مان نہ ويندو جيستائين هو آب کوثر نہ پيئي ۽ طوبي جي ميوو نہ کائي ۽ پنهنجو گهر جنت ۾ نہ ڏسي.

اسان کي پالڻهار کان اها دعا گهرڻ گهرجي تہ اسان جي زندگي جي آخري ڏينهن تائين اسان جي دلين کي محمد صلىٰ الله عليہ وآلہ وسلم ۽ اهلبيت محمد عليهم السلام

---

[٤]. سفينہ البحار ماده حبب

جي محبت تي قائم رکي ۽ آخري دم اسان کي انهن جي لُطفن ۽ ڪرمن مان استفادو ڪرڻ جي توفيق عطا ڪري جن جو انهن واعدو ڪيو آهي حضرت امام حسين عليہ السلام جي زيارت ۾ بيان ٿيو آهي:

اَللّٰهُمَّ ثَبِّتْنِي عَلٰى مَحَبَّةِ أَوْلِيائِكَ[٥]

اي منهنجا الله! منهنکي ثابت قدم رک تون پنهنجي ولين جي محبت تي.

جڏهن اهلبيت عليهم السلام جي محبت ۾ اسان جي روح پرواز ڪري ويندي تہ موت جو اهو لمحو اهڙو تہ سهڻو ٿي ويندو جو اسان (اهلبيت عليهم السلام) جي محبت ۽ عظمت ۽ جلال جا آثار جيڪي ايمان ۽ پرهيزگاري جي علامت آهن انهن جو مشاهدو ڪنداسين. (انشاءالله)

---

٥. بحارالانوار ج ١٠١ ص ١٢٣٢ ، مصباح الزائر ١١٦

ڪجھ روايات ۾ اهلبيت عليهم السلام سان محبت کي ايمان جي بنياد قرار ڏنو ويو آهي جهڙي ريت انهن سان دشمني ۽ بغض کي نفاق ۽ ڪفر جو بنياد قرار ڏنو ويو آهي پاڻ سڳورن صلىٰ الله عليہ وآلہ وسلم حضرت علي عليہ السلام کي فرمايو:

يا عَلِيُّ حُبُّكَ تَقْوى وَإِيمانٌ وَبُغْضُكَ كُفْرٌ وَنِفاقٌ[٦]

اي علي عليہ السلام ! تنهنجي محبت ايمان ۽ تقوىٰ آهي ۽ تنهنجي دشمني ڪفر ۽ نفاق آهي.

جيڪو بہ حضرت علي عليہ السلام سان دشمني ڪندو اسان جي مذهب ۾ ان جو شمار ڪافرن ۽ منافقن منجهان ٿيندو جئين فارسي ٻولي جو هڪ شعر آهي

آن را ڪه دوستي علي نيست، ڪافر است

---

٦. بحار الانوار ج ٣٩ ص ٢٦٣

گو زاهد زمانہ و گو شيخ راه باش.

يعني جيڪو شخص علي سان دوستي نڻو رکي اهو ڪافر آهي، چاهي اهو پنهنجي وقت جو پارسا ۽ سچ جي راهہ کي ئي چو نہ بيان ڪندڙ هجي.

اهڙي طرح جنهن جي وجود ۾ علي عليہ السلام جي محبت هوندي آهي اهو انسان تقوىٰ ۽ ايمان جي نعمتن سان مالا مال هوندو آهي.

جي ها! محبت ۽ بغض جا اهڙا ئي بنيادي اثرات هوندا آهن.

خواهی که ازدوزخ برهانی دل و تن

اثنیعشری شو و گزین مذهب من ایشان سه محمّدند

و چهارست علی با موسی جعفر و حسین و دو حسن

يعني جيڪڏهن چاهيو ٿا تہ پنهنجي پاڻ کي جهنم جي باهہ کان آزاد ڪرايون تہ پاره امانن وارو مذهب (شيعہ اثنا عشري مذهب) اختيار ڪيون، جنهن ۾ چار علي آهن، هڪ موسيٰ، هڪ جعفر، هڪ حسين ۽ ۽ حسن عليهم السلام آهن.

هڪ روايت ۾ بيان ٿيو آهي تہ امام رضا عليہ السلام رسول خدا صلىٰ الله عليہ وآلہ وسلم کان روايت نقل ڪن ٿا تہ:

حُبُّنا أَهْلُ الْبَيْتِ يُكَفِّرُ الذُّنُوبَ وَيُضاعِفُ الْحَسَناتَ[٧]

اسان اهلبيت عليهم السلام جي محبت گناهن جو ڪفارو ۽ نيڪين ۾ اضافي جو سبب آهي.

چو جو محبت اهلبيت عليهم السلام اها آهي جنهن ۾ گناهن کي ختم ۽ نابود ڪرڻ جي مڪمل صلاحيت موجود آهي گناهن جي آثار کي ختم ڪري انهن کي نيڪين ۾

[٧]. بحارالانوار ج ٦٨ ص ١٠٠ امالي شخ طوسي ج ١ ص ١١٦

تبديل ڪرڻ ۾ محبت اهل بيت عليهم السلام جي شايان شان آهي، جهڙي ريت شخبرف (هڪ ڳاڙهي معدني شيءِ) جيڪا ٽامي کي سُون ۾ تبديل ڪري ٿي ان ڪري محبت کي روح جي اڪسير چيو ويو آهي جاڪاڻ ته گناهگار ماڻهون روحاني اعتبار کان پري هوندا آهن. بس انسان محبت جي ڪري جيڪا بيمار روح کي زندگي ڏيندي مردھ دلين کي حياتي بخشيندي آهي، ان محبت جي ڪري انسان گناهن کان نجات حاصل ڪندي الله تعالىٰ جي نيڪ بانهن ۾ شمار ٿئي ٿو. جاڪاڻ ته جيڪا دل اهلبيت عليهم السلام جي محبت سان پريل هجي، ان ۾ گناھ ڪرڻ جي ڪا به جڳھ باقي ناهي رهندي، جيڪڏهن اها محبت عروج تي پهچي وجي ته ماضي جا اُهي گناھ به ڏوئي ڇڏيندي آهي جيڪي محب جي هٿان ٿي ويندا آهن ۽ اها محبت انسان جي مستقبل ۾ به گناھ ڪرڻ کان محفوظ رکڻ ۾ ڪارائتي ثابت ٿيندي آهي جاڪاڻ ته گناهن کي انجام نہ ڏيڻ سان ئي ان محبت جا آثار قيامت تائين باقي رهندا آهن.

ان مان صاف ظاهر آهي تہ جيڪو بہ مڪمل طور تي اهلبيت عليهم السلام سان محبت جو دم پريندو ۽ ڪيس سدائين انهن جي اطاعت ۾ رهندو اهوئي خدا جو محبوب ۽ نيڪ ٻانهو هوندو، جڏهن انسان الله تعالىٰ جو محبوب ۽ نيڪ ٻانهو بڻجي وڃي تہ سمجهو اهو الله تعالىٰ جي خاص پناه ۾ آهي، يعني الله تعالىٰ ان محبت جي صدقي ان جي ۽ گناهن جي وچ ۾ فاصلو پيدا ڪري ڇڏيندو آهي، الله تعالىٰ جيڪو بہ ڪم ان کان چاهيندو آهي اهو جهٹ پٹ ۾ ان کي اطاعت جو لباس پهرائيندو آهي ان جو هر ڪم الله تعالىٰ جي مرضي مطابق هوندو آهي، (لاحول و لاقوّة إلّا بالله) جي معني بہ اها ئي آهي ان جي ڪري ڪجهہ عالم دين اهلبيت عليهم السلام جي محبت ۽ دوستي کي سير و سلوڪ جو بهترين رستو قرار ڏيندو آهي.

هڪ معتبر ۽ مفصل روايت جنهن کي علامہ مجلسي بحارالانوار جلد ٧٠ صفحہ ٢٥ ۾ امام جعفر صادق عليہ السلام کان نقل ڪري ٿو تہ:

محب اهڙي محبت جي مٿاهين درجي تي پهچي وڃي جيتوڻيڪ ان محبت کندڙ علماء، حڪماء ، فقهاء جي روش تي عمل نہ ہ ڪيو هجي تڏهن ہ ان کي اهو مقام حاصل ٿي ويندو جيڪو انهن کي حاصل آهي اهو مقام ان وقت ملندو جڏهن محبت وڌيڪ خالص هجي ائين نہ هجي جئين هر ڪو اهلبيت عليهم السلام سان محبت جي دعوي تہ ڪندو هجي پر حقيقت ۾ اصل محبت کان ڏاروڏار هجي، ان روايت ۾ امام صادق عليہ السلام جن فرمائن ٿا تہ: اهڙي محبت نہ صرف سير و سلوڪ جا مرحلا طئي ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿي بلڪ هر نقصان کان ہ محفوظ رکي ٿي حالانڪ ان روايت جي مطابق علماء، حڪماء ۽ صديقين جي روش اهڙي ناهي.

امام جعفر صادق عليہ السلام فرمائن ٿا:

إِنَّالْحُكَماءَوَرَثُواالْحِكْمَةَبِالصَّمْتِ، وَإِنَّالْعُلَماءَوَرِثُواالْعِلْمَ بِالطَّلَبِ وإِنَّالصِّدّيقينَ وَرِثُوا الصِّدْقَ بِالْخُشُوعِ وَطُولِ الْعِبادَةِ فَمَنْ أَخَذَهُ بِهذِهِ الْمَسيرَةِ إِمَّا أَنْ يَسْفَلَ وَإِمَّا أَنْ يَرْفَعَ وَأَكْثَرُهُمُ الَّذي يَسْفَلُ وَلايَرْفَعُ، إِذا لَمْ يَرْعَ حَقَّ اللهِ وَلَمْ يَعْمَلْ بِما أَمَرَبِهِ، فَهذِهِ صِفَةُ مَنْ لَمْ يَعْرِفِ اللهُ حَقَّ مَعْرِفَتِهِ وَلَمْ يُحِبُّهُ حَقَّ مَحَبَّتِهِ، فَلايَغُرَّنَّكَ صَلاتُهُمْ وَصيامُهُمْ وَرَواياتُهُمْ وَعُلُومُهُمْ، فَإِنَّهُمْ حُمُرٌ مُسْتَنْفِرَة.

حڪماءَ خاموشي جي وسيلي سان حڪمت، علماءَ علم، صداقت نياز، نوڙت ۽ ڏگهن سجدن جي ذريعي سان حاصل ڪئي، جيڪو بہ ان رستي جو بانڊي ٿئي ٿو اهو يا ترقي جي طرف ويندو يا زوال جي طرف انهن مان جيڪڏهن ماڻهون خدا جي حق جي رعايت نہ ڪن ۽ ان جو جنهن شيءِ جو ان حڪم ڪيو آهي ان کي انجام نہ ڏين تہ اهي زوال جي طرف

ويندا. انهن اصل ۾ الله تعالىٰ جي معرفت حاصل ناهي ڪئي ۽ الله تعالىٰ سان سچي محبت نہ ڪئي آهي جهڙي ريت الله تعالىٰ سان محبت ڪرڻ جو حق آهي انهن جون نمازون، روزا، روايتون ۽ علم توهان کي فريب نہ ڏين اهي وحشي حمار آهن! جئين هن روايت مان معلوم ٿئي ٿو تہ علماء، حڪماء ۽ صديقين تي بہ اعتراض ڪيو ويندو ڇاڪاڻ انهن حقيقت ۾ الله تعالىٰ جي معرفت حاصل ناهي ڪئي ۽ انهن حقيقت ۾ الله تعالىٰ جي محبت کي پنهنجي دلين ۾ جڳهہ ناهي ڏني جيڪڏهن محب مقام محبت ۾ مٿاهين درجي تي فائز ٿي وڃي ۽ پنهنجي دل (جيڪا الله سائين جو گهر آهي) کي الله تعالىٰ ۽ اهلبيت عليهم السلام جي محبت سان نوازي جيتري تائين ان جي دل ۾ انهن هستين جي محبت باقي رهندي ايتري تائين زوال جو ڪو بہ امڪان ناهي محبت ڪرڻ وارن جو زوال ان وقت ممڪن آهي جڏهن هو پنهنجي هٿن سان محبت وڃائي ويهن جيتري تائين محب جي دل ۾ محبت موجود هوندي آهي اهو ترقي ۽ ڪمال جي

راھ جو راهي هوندو آهي جڏهن محبت ختم ٿيندي آهي تہ هو زوال جي کاهيءَ ۾ وجي ڪرندو آهي ان نڪتي جو راز هي آهي تہ جئين اسان چيو محبت ۽ چاهت ان چڪمڪ وانگر آهي ۽ جيتري تائين محبت موجود هوندي آهي اها محب کي محبوب ڏانهن چڪيندي آهي ۽ جڏهن هو محبوب جي طرف مائل ٿي وجي تہ ان وقت محب ۽ محبوب جون صفتون ظاهر ٿيڻ لڳنديون آهن ان جي ڪري ان روايت ۾ خدا ۽ اولياء خدا جي محبت ۽ سير و سلوڪ سان دلچسپي رکندڙن لاءِ بهترين رستو آهي.

ڪجھ ٻين روايتن ۾ ٻہ خدا سان محبت ڪندڙن کي عام ماڻھن مٿان مقدم ڪيو ويو آهي جئين حضرت دائود عليہ السلام جي اخبار ۾ ذڪر ٿيل آهي:

ما أَحَبَّني أَحَدٌ أَعْلَمُ ذلِكَ يَقيناً مِنْ قَلْبِهِ إِلاَّ قَبِلْتُهُ لِنَفْسي وَأَحْبَبْتُهُ حُبّاً لايَتَقَدَّمُهُ أَحَدٌ مِنْ خَلْقي، مَنْ طَلَبَني بِالْحَقِّ وَجَدَني وَمَنْ طَلَبَ غَيْري لَمْ يَجِدْني...[٨]

مون سان ڪو بہ دوستي نہ ٿو جيستائين ان جي باري ۾ مون کي علم ٿي وجي تہ هو دل جي يقين سان محبت ڪري ٿو، سواءِ ان جي جو مان ان جي محبت کي قبول ڪريان ۽ ان کي پنهنجو دوست تسليم ڪريان اهڙي طرح سان منهنجي مخلوق مان ڪو بہ ان تي مقدم نہ ٿيندو جيڪو بہ مونکي حقيقت ۾ طلب ڪندڙ هجي، اهو ئي مون تائين رسائي حاصل ڪندو آهي ۽ جيڪو مون کانسواءِ ڪنهن ٻئي کي چاهيندو اهو مون تائين ڪڏهن بہ نٿو پهچي سگهي.

---

٨. بحارالانوار ج ٧٩ ص ٢٦

آسماني موجودات ۽ اهلبيت عليهم السلام جي گهراڻي جي محبت:

فقط بزرگن جي عظمت نہ بلڪ سيني شريفن جي شرافت ۽ عزت جو سبب اهلبيت عليهم السلام جي محبت آهي ايتري تائين جو الله تعالىٰ جي مقرب فرشتن کي بہ عزت، عظمت ۽ ڪمال اهلبيت عليهم السلام جي محبت جي ڪري حاصل ٿيو آهي.

پاڻ سڳورن صلىٰ الله عليہ وآلہ وسلم جن فرمايو:

هَلْ شَرَفَتِ الْمَلائِكَةُ إِلاَّ بِحُبِّهَا لِمُحَمَّدٍ وَعَلِيٍّ وَقَبُولِهَا لِوِلايَتِهِما؟...[٩].

ڇا ملائڪن جي شرافت محمد ۽ علي عليهما السلام جي محبت ۽ ولايت کي قبول ڪرڻ کان علاوه ڪنهن ٻئي شيء جي ڪري آهي؟

---

[٩]. بحارالانوار ج ٢١ ص ٢٢٧ تفسير امام حسن عسكري ص ١٥٢

ان حديث مان واضح ظاهر ٿئي ٿو تہ فرشتن جي عزت ۽ عظمت ان محبت جي ڪري آهي جيڪا هو محمد ۽ علي عليهما السلام سان ڪن ٿا:

آئينه مهر روشن از ياد علی است

اوراد ملك بر آسمان ناد علی است

جڏهن تہ هي روايت فقط ملائڪن جي باري آهي ليڪن ٻين روايتن مان سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ سڀ آسماني مخلوق توڙي اهي فرشتا هجن يا وري ڪا ٻئي مخلوق، سڀ جا سڀ اهلبيت عليهم السلام جي محبت جي ڪري خدا جي بارگاهہ ۾ مقرب آهن. جئين اسان چيو تہ محبت، محبوب جي صفتن کي محب ۾ ظاهر ڪري ٿي، اهلبيت عليهم السلام جي هڪ صفت هي آهي تہ اهي سڀني کان وڌيڪ الله تعالىٰ جي قريب آهن ان ڪري ئي اها مخلوق انهن هستين سان محبت ڪندي پنهنجي پاڻ کي الله تعالىٰ جي قريب ڪري ٿي.

اسان هي جملا زيارت جامعه ڪبيره ۾ پڙهندا آهيون:

يَتَقَرَّبُ أَهْلُ السَّماءِ بِحُبِّكُمْ وَبِالْبَرائَةِ مِنْ أَعْدائِكُمْ.

آساني مخلوق توهان جي محبت ۽ توهان جي دشمن سان بيزاري ڪندي الله تعالىٰ جي قريب ٿئي ٿي.

اوصاف علی است که انتهایش نبود
مدّاح علی به جز خدایش نبود
تا حشر "ادیب" اگر ز وصفش خوانی
یك حرف ز دفتر ثنایش نبود

الله تعالي جي قرب جا ڪهڙا آثار آهن؟

هاڻي اسان هتي انهن شين کي بيان ڪريون ٿا جنهن جي ڪري انسان الله تعالىٰ ۽ اهلبيت عليهم السلام جو قرب حاصل ڪندو آهي، الله تعالىٰ ۽ اهلبيت عليهم السلام جي قرب حاصل ڪرڻ وارين شين منجهان هڪ باطني اکين ۽ ڪنن مان استفادو ڪندي روحاني ۽ معنوي طاقت جو حاصل ڪرڻ آهي، جاکاڻ ته جڏهن انسان الله تعالي جي

معنوي قرب جي ذريعي سان ترقي ڪندو ۽ الله تعالىٰ جي خاص عنايتن سان مالامال ٿيندو ۽ الله تعالىٰ جي پيارن ۽ محبوب بانهن منجهان شمار ڪيو ويندو. ۽ جڏهن انسان الله تعالىٰ جو محبوب بڻجي ويندو آهي ته ان جي مٿان الله تعالىٰ جي طرفان معنوي طاقتن جي بارش ٿيندي آهي جنهن جي ذريعي هو دنيا ۽ آخرت ۾ سرخرو رهندو.

امام جعفر صادق عليہ السلام پاڻ سڳورن صلىٰ الله عليہ وآلہ وسلم کان روايت ڪن ٿا ته:

مَنْ أَهانَ لي وَلِيّاً فَقَدْ أَرْصَدَ لِمُحارِبَتي، وَما تَقَرَّبَ إِلَيَّ عَبْدٌ بِشَيءٍ أَحَبَّ إِلَيَّ مِمَّا افْتَرَضْتُ عَلَيْهِ، وَإِنَّهُ لَيَتَقَرَّبُ إِلَيَّ بِالنَّافِلَةِ حَتَّى أُحِبَّهُ فَإِذا أَحْبَبْتُهُ، كُنْتُ سَمْعَهُ الَّذي يَسْمَعُ بِهِ وَبَصَرَهُ الَّذي يَبْصُرُ بِهِ وَلِسانَهُ الَّذي يَنْطِقُ بِهِ وَيَدَهُ الَّتي يَبْطُشُ بِها، إِنْ دَعاني أَجَبْتُهُ وَإِنْ سَأَلَني أَعْطَيْتُهُ[١٠].

[١٠]. بحارالانوار ج ٧٥ ص ١٥٥ ، اصول كافي ج ٢ ص ٣٥٢

چا کو شخص ان شي جي ڪري منهنجي قريب نڻو ٿي سگهي جيڪا شي مونکي انهن واجبات کان وڌيڪ پياري آهي جيڪي مون ان تي واجب ڪيا آهن ۽ هو نوافل جي ذريعي منهنجي قريب ٿيندي منهنجو محبوب ٻڌجي وڃي ۽ جڏهن آءُ ان سان محبت ڪندو آهيان تہ آءُ ان جا ڪن ٿي ويندو آهيان جنهن جي وسيلي سان هو ٻڌندو آهي، ان جو اکيون ٻڌجي ويندو آهيان جنهن سان هو ڏسندو آهي، ان جي زبان ٻڌجي ويندو آهيان جنهن سان هو ڪلام ڪندو آهي ۽ ان جا هٿ ٻڌجي ويندو آهيان جن جي ذريعي سان هو ڪم ڪار ڪندو آهي، جيڪڏهن هو مونکي سڏيندو تہ آءُ ان جو جواب ڏيندو آهيان ۽ جيڪڏهن هو مون کان ڪنهن شيءِ جي گهر ڪندو آهي تہ آءُ اُها شي ان کي عطا ڪري ڇڏيندو آهيان.

ان حديث ۾ ذڪر ٿيڻ وارا سڀ ڪم الله تعالىٰ جي قرب سان حاصل ٿيندا آهن ان جي ڪري هو آسماني آوازن کي ٻُڌندو آهي نوراني چهرا ڏسندو آهي الاهي رمزن جي ڄاڻ حاصل ڪندو آهي مشڪل ڪمن کي قدرتي طاقت سان

انجام ڏيندو آهي ان جون دعائون قبول ٿيندیون آهن، اهي سڀ عنايتون الله تعالي جي مقرب بندن ۽ انهن تي ٿيندیون آهي جيڪي الله سائين ۽ اهلبيت عليهم السلام محبت ڪندا آهن.

اهبليت عليهم السلام جي پنهنجن دوستن سان محبت:

اسان پنهنجي دلين ۾ اهلبيت عليهم السلام جي محبت رکون ٿا ۽ اها ساڳئي محبت انهن پاڪ هستين جي دلين ۾ به هوندي آهي ڇاڪاڻ ته جيڪو به اهلبيت عليهم السلام جي گهراڻي سان محبت ڪندو آهي اهو انهن پاڪ هستين جو محبوب پڻ ٿي ويندو آهي.

حبيش بن معتمر چوي ٿو ته آءُ اميرالمؤمنين حضرت علي عليہ السلام جي خدمت ۾ حاضر ٿيندي عرض ڪيو:

اَلسَّلامُ عَلَيْكَ يا أَميرَالْمُؤْمِنينَ وَرَحْمَةُاللهِ وَبَرَكاتُهُ، كَيْفَ أَمْسَيْتَ؟ قالَ: أَمْسَيْتُ مُحِبّاً لِمُحِبّينا وَمُبْغِضاً لِمُبْغِضينا...[١].

اي اميرالمؤمنين عليہ السلام توهان جي ذات تي سلام هجي ۽ توهان تي الله تعالىٰ جي رحمت ۽ برڪت هجي توهان ڪئين رات گذاري؟

پاڻ فرمايائون آءُ ان حال ۾ رات گذاري جو آءُ پنهنجي مُحبن جو محب ۽ پنهنجي دشمنن جو دشمن هيس، جڏهن اهلبيت عليهم السلام جي دل ۾ ڪنهن بہ انسان جي لاءِ محبت پيدا ٿي وجي تہ اهو خدا جو بہ محبوب بڻجي ويندو آهي ۽ ان جي دل ۾ الله تعالىٰ جي محبت پيدا ٿي ويندي آهي ۽ الله تعالىٰ سان ان جي محبت ايتري تہ وڌي ويندي آهي جو ان جي دل ۾ فقط خدا ئي هوندو آهي ۽ ان جي دل مخلوق جي محبت كان خالي ٿي ويندي آهي ان جو باطني

---

[١]. بحارالانوار ج ٢٧ ص ٥ ، مجالس شيخ مفيد ص ١٩٧

اکيون روشن ٿي ويندیون آهن ۽ الله تعالیٰ جي نيڪ بانهن مان شمار ٿي ويندو آهي.

امام علي عليہ السلام جن فرمائن ٿا تہ معراج جي رات الله تعالي پاڻ سڳورن صلیٰ الله عليہ وآلہ وسلم جن کي فرمايو:

مَنْ عَمِلَ بِرِضايَ أَلْزِمُهُ ثَلاثَ خِصالٍ: أُعَرِّفُهُ شُكْراً لايُخالِطُهُ الْجَهْلُ، وَذِكْراً لايُخالِطُهُ النِّسْيانُ، وَمَحَبَّةً لايُؤْثِرُ عَلى مَحَبَّتي مَحَبَّةَ الْمَخْلُوقينَ، فَإِذا أَحَبَّني أَحْبَبْتُهُ، وَأَفْتَحُ عَيْنَ قَلْبِهِ إِلى جَلالي وَلااُخفي عَلَيْهِ خاصَّةَ خَلْقي...[١٢].

جيڪو بہ منهنجي رضا حاصل ڪرڻ لاءِ عمل انجام ڏيندو آهي آءٌ ان لاءِ ٽين خوبين کي ظاهر ڪندو آهي.

---

١٢. بحارالانوار ج ٧٧ ص ٢٨

١_ ان کي شڪر جي حالت کان واقف ڪندو آهيان تاڪ جهالت ۾ باقي نہ رهي.

٢_ اهڙو ذڪر عطا ڪندو آهيان جنهن ۾ پُل چُڪ ناهي ڪندو.

٣_ پنهنجي اهڙي محبت عطا ڪندو آهيان جنهن تي مخلوق جي محبت اثر ناهي ڪندي، جڏهن به هو مون سان محبت ڪندو آءٌ ان سان محبت ڪندس ان جي دل جي اکين کي پنهنجي جلال جي طرف کولي ڇڏيندس ۽ پنهنجي مخلوص جا خاص ٻانها ان کان لڪيل نہ رکندس.

خدا جي محبت جي نشانين منجهان هڪ نشاني هيءَ آهي تہ الله تعالىٰ ان کي پنهنجي محبوب بندن جي واقفيت، سجاڻ ڪرائي ٿو ڪجهہ ماڻهون نند يا سڃاڪي جي حالت ۾ امام زمانہ عليہ السلام سان ملاقات جو شوق رکندا آهن اهو شوق محبت جي ڪري هوندو آهي ڇاڪاڻ تہ محبت انسان کي محبوب سان ملاقات جو مشتاق بڻائي ڇڏيندي آهي حضرت ابراهيم عليہ السلام مرڻ نہ پيا چاهين الله تعالىٰ

حضرت عزرائيل عليہ السلام کي فرمايو تہ: وڃي حضرت ابراهيم عليہ السلام کي چئو:

هَلْ رَأَيْتَ حَبيباً يُكْرِهُ لِقاءَ حَبيبِهِ؟ إِنَّ الْحَبيبَ يُحِبُّ لِقاءَ حَبيبِهِ[١٣].

چا تو ڪنهن محب کي ڏٺو آهي جيڪو پنهنجي محبوب کي ملڻ کان ڪٻائيندو هجي؟ بيشڪ محب پنهنجي محبوب جي ملاقات لاءِ بي قرار هوندو آهي.

انهن مان ڪجهہ اهڙا بہ هئا جيڪي اهلبيت عليهم السلام جي زماني ۾ زندگي گذاريندا هئا پر اُهي انهن کان دور ڪنهن ٻئي شهر ۾ زندگي گذاريندا هئا ليڪن انهن جون دليون اهليبت عليهم السلام جي محبت ۽ انهن جي ياد کان خالي نہ هونديون هيون جئين حضرت اويس قرني جي دل ۾ پاڻ سڳورن صلىٰ الله عليہ وآلہ وسلم سان ملاقات جو شوق هيو هو پنهنجي خيالن ۾ پاڻ ڪريم صلىٰ الله عليہ

[١٣].بحارالانوار ج ٦ ص ١٢٧ ، امالي شيخ صدوق ص ١١٨

وآلہ وسلم جو تصور ڪندو هو، هاڻي اسان جي دور ۾ اهلبيت عليهم السلام جي گهراڻي جي آخري ڪڙي امام زمانہ (عج) باقي ۽ پردہ غيبت ۾ آهي امام عليہ السلام جي چاهيندڙن جي هڪ ئي تمنا آهي اها فقط مولا جو ديدار، اها تمنا ۽ اميد امام عليہ السلام سان محبت ڪرڻ جي ڪري آهي جيڪا امام جي چاهيندڙن جي دلين ۾ آهي جئين الله سائين جو ارشاد آهي:

إِنَّ الْحَبِيبَ يُحِبُّ لِقَاءَ حَبِيبِهِ.

هر محب پنهنجي محبوب جو ديدار پسند ڪندو آهي.

گرچه يوسف به كلافی نفروشند به ما

بس همين فخر كه ما هم ز خريدارانيم

اهلبيت عليهم السلام جي گهراڻي سان محبت ڪرڻ وارن جون ذميداريون:

١_ مودت پيدا ڪرڻ، اهلبيت عليهم السلام سان محبت ايتري تہ مضبوط هجڻ کپي جو توهان جي دلين ۾ گهر ڪري وجي توهان جي رڳ رڳ ۾ سرايت ڪري اها محبت ئي انهن پاڪ هستين جي ويجهو ٿيڻ جو وسيلو آهي.

امام علي عليہ السلام جن فرمائن ٿا:

اَلْمَوَدَّةُ قَرابَةٌ مُسْتَفادَةٌ[١٤].

مودت، اهڙي محبت آهي جنهن سان قرب حاصل ٿيندو آهي.

يعني محبت ايتري تہ مضبوط هجڻ گهُرجي جيڪا انسان کي محبوب سان ويجهو ڪري ڇڏي ۽ محبت جڏهن پنهنجيون حدون پار ڪيري ويندي آهي تہ ان کي مودت چيو ويندو آهي، مودت اها محبت آهي جنهن ۾ مضبوطي آهي ۽

[١٤]. بحارالانوار ج ٧٤ ص. ١٦٥

روحاني قرب جو سبب ٿيندي آهي اهليبت عليهم السلام سان ائين محبت ڪرڻ هر هڪ شخص جي ذميداري آهي، اسان کي اهلبيت سان ائين محبت ڪرڻ گهرجي جيڪا الله تعالىٰ سان تقرب جو وسيلو بڻجي الله تعالىٰ جو قرآن مجيد ۾ ارشاد آهي ته:

قُلْ لاأَسْأَلُكُمْ عَلَيْهِ أَجْراً إِلاَّ الْمَوَدَّةَ فِي الْقُرْبى[١٥].

توهان چئو ته مان اوهان کان تبليغ رسالت جي ڪا به اجرت نٿو گهُران سواءِ منهنجي قريبن سان مودت (محبت) جي .

هن آيت جي مطابق هر انسان تي واجب آهي ته اهلبيت عليهم السلام رسول صلىٰ الله عليه وآله وسلم سان اهڙي محبت ڪري جيڪا انسان کي الله تعالي ۽ انهن هستين سان روحاني ۽ معنوي طور تي قريب ڪري،

---

١٥. سوره شوري آيت ٢٣

٢_ اهلبيت عليهم السلام جي چاهيندڙن سان محبت ڪرڻ.
صرف اهلبيت عليهم السلام سان محبت ۽ دوستي ڪافي ناهي بلڪ انهن سان محبت ڪرڻ کان بعد ۾ انهن سان به محبت ڪريو جيڪي اهلبيت عليهم السلام سان محبت ڪن ٿا.

پاڻ ڪريم صلىٰ الله عليه وآله وسلم فرمائن ٿا ته:

أَحِبُّوا مَوالينا مَعَ حُبِّكُمْ لِآلِنا[١٦].

اسان سان محبت ڪرڻ وارن سان به ان وانگر محبت ڪريو جئين منهنجي اهلبيت عليهم السلام سان ڪندا آهيون.
اهلبيت عليهم السلام جي محبن سان محبت انهن جي محبت جو لازمو آهي

٣_ اهلبيت عليهم السلام جي دشمن کان بيزاري ڪرڻ **جيڪڏهن** انسان جي دل ۾ انهن هستين جي جنهن جي ڪري الله تعالىٰ هن ڪائنات کي جوڙيو محبت هجي ته اها ڳالهه ممڪن ئي ناهي ته ان جي دشمنن سان به محبت ڪري

---

١٦. بحارالانوار ج ٨ ص ٥٧

چو جو اهلبيت عليهم السلام جي محبت جنهن ۾ دل ۾ هوندي آهي ان دل ۾ اهلبيت عليهم السلام جي دشمن جي کا ۾ جڳهه ناهي هوندي چو جو اهو عقل جي لحاظ کان ۾ محال آهي ته جنهن سان محبت ڪئي وجي ان جي دشمن سان ۾ محبت ڪئي وجي نتيجو واضح آهي ته يا اهلبيت عليهم السلام سان محبت ڪندو يا ان جي دشمن سان ٻنهي جي محبت هڪ دل ۾ جمع ٿيڻ ممڪن ئي ناهي،

امام علي عليہ السلام فرمائن ٿا ته:

لايَجْتَمِعُ حُبُّنا وَحُبُّ عَدُوِّنا في جَوْفِ إِنْسانٍ، اَللّٰهُ عَزَّوَجَلَّ يَقُولُ: ما جَعَلَ اللّٰهُ لِرَجُلٍ مِنْ قَلْبَيْنِ في جَوْفِهِ[١٧].

اسان جي محبت ۽ اسان جي دشمن جي محبت هڪ ئي دل ۾ گڏ نہ ٿي سگهي، جئين الله سائين فرمايو: ۽ الله تعالىٰ

[١٧]. سوره احزاب آيت ٤ ، بحارالانوار ج ٢٤ ص ٣١٨ كنزالفوائد ٢٣

كنهن بہ مرد جي سيني ۾ بہ دل قرار نہ ڏنا آهن هن روايت وانگر ابي جارود، امام محمد باقر عليہ السلام کان نقل کري ٿو تہ:

أَبِي الْجَارُودِ عَنْ أَبِي جَعْفر عليه السلام فِي قَوْلِهِ: «ما جَعَلَ اللَّهُ لِرَجُلٍ مِنْ قَلْبَيْنِ فِي جَوْفِهِ» فَيُحِبُّ بِهذا وَيُبْغِضُ بِهذا، فَأَمَّا مُحِبُّنا فَيُخْلِصُ الْحُبَّ لَنا كَما يُخْلِصُ الذَّهَبَ بِالنَّارِ لا كَدِرَ فيهِ. مَنْ أَرادَ أَنْ يَعْلَمَ حُبَّنا، فَلْيَمْتَحِنْ قَلْبَهُ فَإِنْ شارَكَهُ فِي حُبِّنا حُبُّ عَدُوِّنا، فَلَيْسَ مِنَّا وَلَسْنا مِنْهُ وَاللَّهُ عَدُوٌّ لَهُمْ وَجِبْرَئِيلُ وَميكائيلُ وَاللَّهُ عَدُوٌّ لِلْكافِرينَ[١٨].

ابي جارود امام باقر عليہ السلام کان روايت نقل کري ٿو تہ امام جن الله تعالي جي هن قول کي هن ريت بيان کيو (الله کنهن بہ انسان جي سيني ۾ بہ دليون نہ رکيون آهن) امام عليہ السلام جن فرمايو: انسان جون بہ دل نہ آهن جو هڪ

[١٨]. بحارالانوار ج ٢٧ ص ٥١

سان محبت ڪري ۽ ٻيءَ سان نفرت، اسان سان محبت ڪرڻ وارن جي دل ۾ فقط اسان جي محبت هوندي آهي ۽ انهن جي دل اسان جي دشمن جي محبت کان پاڪ، صاف هوندي آهي. اسان جي محبت انسانن کي ائين پاڪ ڪندي آهي جئين باھ سون کي خالص ڪري ڇڏيندي آهي ان ۾ ڪابہ ملاوٽ ناهي هوندي جيڪڏهن ڪو اهو معلوم ڪرڻ چاهي تہ اسان سان محبت ڪري ٿو يا نہ؟ اهو پنهنجي دل کي آزمائي جيڪڏهن ان جي دل ۾ اسان جي محبت هجي ۽ اسان جي دشمن جي بہ محبت تکندو هجي تہ اهو اسان منجهان ناهي ۽ اسان ان جا نہ آهيون، الله تعالىٰ، جبرئيل ۽ ميڪائيل عليهما السلام بہ اهڙن ماڻهن کان نفرت ڪندا آهن الله تعالي ڪافرن سان محبت ناهي ڪندو، ان مان واضح ٿئي ٿو تہ محبت (جنهن جي بهترين نشاني اهلبيت عليهم السلام جي پيروي ڪرڻ آهي) انسان جو انهن هستين ۾ جذب ٿي وڃڻ انهن جي پيروي ڪرڻ ۽ انهن جي دشمن کان بيزاري اختيار ڪرڻ آهي، انسان اهڙي محبت جي ڪري اهلبيت

عليهم السلام جي ذات مبارڪ سان محبت ڪرڻ لڳندو آهي پوءِ هن جي نظر، فڪر، سوچ ۽ من ۾ محبوب ۽ محبوب جي پسند واريون شيون هوندیون آهن اها حالت انسان ۾ محبت جي ڪري پيدا ٿيندي آهي جئين بيبي خديجہ عليها السلام رسول خدا صلىٰ الله عليہ وآلہ وسلم جي سفر ڪرڻ مهل فرمايو:

قَلْبُ الْمُحِبِّ إِلَى الْأَحْبابِ مَجْذُوبٌ وَجِسْمُهُ بِيَدِ الْأَسْقامِ مَنْهُوبٌ[١٩].

محب جي دل محبوب ۾ جذب ٿئي وجي ٿي ايتري تائين جو ان جو جسم بيمارين سان وڪوڙيل هوندو آهي.

جڏهن انسان انهن بزرگن ۽ پاڪ هستين جي محبت ۾ گرفتار ٿي وجي ٿو ۽ انهن جي دشمن سان نفرت ڪرڻ لڳندو آهي.

ان باري امام جعفر صادق عليہ السلام فرمائن ٿا تہ:

---

١٩. بحارالانوار ج ١٦ ص ٢٩

...إِنَّ أَصْلَ الْحُبِّ، اَلتَّبَرّي عَنْ سِوَى الْمَحْبُوبِ[٢٠].

محبت جي اصل محبوب کان سواءِ سيني کان ڪنارو ڪرڻ آهي.

جڏهن انسان پنهنجي محبوب کان علاوه ٻين کان پري ٿيندو ته انسان پنهنجي محبوب کي ٻين کان افضل سمجهندو امام صادق عليه السلام ان باري ۾ فرمائن ٿا ته:

دَلِيلُ الْحُبِّ ايثارُ الْمَحْبُوبِ عَلى ماسَواهُ[٢١].

محبت جي دليل محبوب کي ٻين کان افضل سمجهڻ آهي.

اهڙي محبت انسان کي معنويت ۽ روحانيت جا ڪمال عطا ڪندي آهي ان محبت جي ڪري انسان تي اهلبيت عليهم السلام جي عنايت ٿيندي آهي جنهن جي

---

[٢٠]. بحارالانوار ج ٢٩ ص ٢٥١ ، مصباح الشريعه ص ٦٥

[٢١]. بحارالانوار ج ٧٠ ص ٢٢ ، مصباح الشريعه ص ٢

ڪري انسان عام حالت مان نڪري ڪري ملڪوتي حالات ۾ پهچي ويندو آهي ان محبت ۽ عنايت جي ڪري اوهان جي دل ۾ دشمن اهلبيت عليهم السلام سان نفرت ۾ واڌارو پيدا ٿيندو آهي.

٤_ **وحي جي گهراڻي جي پيروي** اهلبيت عليهم السلام پنهنجي چاهيندڙن کان اها توقع رکن ٿا ته اهي بين کان وڌيڪ پنهنجي نفس کي پاڪ ڪن ۽ اُهي ڪم انجام ڏين جنهن سان پالڻهار جي ذات راضي ٿئي اهلبيت عليهم السلام جي نظر ۾ جيڪو به انسان انهن سان محبت ڪندو آهي اهو انسان اهلبيت عليهم السلام جي ڪردار سان به محبت ڪندي انهن جي نقش قدم تي پنهنجي زندگي گذاريندي پنهنجي تقوي ۽ پرهيزگاري ۾ اضافو ڪندو آهي.

اميرالمومنين امام علي عليہ السلام فرمائن ٿا:

مَنْ أَحَبَّنَافَلْيَعْمَلْ بِعَمَلِنا وَلْيَتَجَلْبَبِ الْوَرَع[٢٢].

جيڪو بہ اسان سان محبت ڪري ٿو ان کي گهُرجي تہ اسان جي ڪردار ۽ رفتار تي عمل ڪندي تقوي ۽ پرهيزگاري جي لباس سان پنهنجي بدن کي ڍڪي.

جڏهن اهلبيت عليهم السلام جي محبت انسان جي ظاهر کان باطن تائين پهچي ٿي تہ ان انسان جي ڪردار ۽ رفتار ۾ اها محبت ظاهر ٿيڻ لڳندي آهي ۽ ان جي روح ۾ اثر ڪندي آهي اهلبيت عليهم السلام جي محبت هميشہ انسان جي سڏن ڪمن مان ظاهر ٿيندي آهي، جنهن انسان جي محبت اهلبيت عليهم السلام سان وڌيڪ هوندي ان جي هر ڪم مان ظاهر ٿيندو آهي تہ اهو اهلبيت عليهم السلام جي مجڻ وارن منجهان آهي.

ان باري ۾ امام رضا عليہ السلام فرمائن ٿا تہ:

---

٢٢. شرح غرر الحكم ج ٥ ص ٣٠٣

لاتَدَعُوا الْعَمَلَ الصَّالِحَ وَالْعِبادَةَ اِتِّكالاً عَلى حُبِّ آلِ مُحَمَّدٍعليهم السلام وَالتَّسْليمَ لِأَمْرِهِمْ اِتِّكالاً عَلَى الْعِبادَةِ، فَإِنَّهُ لايُقْبَلُ أَحَدُهُما دُونَ الآخِرِ[٢٣].

محمد ۽ آل محمد عليهم السلام جي محبت تي آسرو ڪندي چڱن ڪمن ۽ عبادت کان پاسو نہ ڪيو ۽ پنهنجي عبادت تي آسرو (اعتماد) ڪندي انهن جي محبت ۽ انهن جي حڪمن جي سامهون پنهنجا سر جهڪائي ڇڏيو انهن ٻنهي شين مان ڪو بہ اڪليو قابل قبول ناهي.

اهو ڪئين ممڪن ٿي سگهي ٿو تہ انسان اهلبيت عليهم السلام سان محبت بہ ڪندو هجي ۽ اهڙا ڪم بہ انجام ڏيندو هجي جيڪي اهلبيت عليهم السلام کي پسند نہ آهن، انسان کي گهُرجي تہ اهڙن ڪمن کان پاسو ڪري جيڪي اهلبيت عليهم السلام کي پسند نہ آهن سچو محب

٢٣. سفينہ البحار ج ١ ص ٢٠٤ ، ماده حبب

اهو هوندو آهي جيڪو محبوب جو فرمانبردار هجي امام صادق عليہ السلام فرمائن ٿا:

لَوْكانَ حُبُّكَ صادِقاًلَأَطَعْتَهُ إِنَّ الْمُحِبَّ لِمَنْ يُحِبُّ مُطيعٌ [٢٤].

جيڪڏهن توهان جي محبت سچي هوندي تہ اوهان ان جي پيروي ڪندو.

چو جو محب ان جو پيروڪار هوندو آهي جنهن سان هو محبت ڪندو آهي اهڙي محبت جيڪا اهلبيت عليهم السلام جي اطاعت ۽ پيروي سان گڏ هجي اها اهلبيت عليهم السلام جي رضا جو سبب ٿيندي آهي.

ان جي ڪري امام علي عليہ السلام فرمائن ٿا تہ:

فَأَصْبَحْنا نَفْرَحُ بِحُبِّ الْمُحِبِّ لَنا[٢٥].

---

[٢٤]. بحارالانوار ج ٤٧ ص ٢٤

[٢٥]. بحارالانوار ج ٢٧ ص ٨٣

اسان اهڙي نموني سان صبح ڪئي جو اسان پنهنجي چاهيندڙن ۽ دوستن جيڪي اسان سان محبت ڪندا آهن ان جي ڪري خوشحال آهيون.

جي هان! جيڪوانسان بلند مرتبي تي پهچڻ جي تمنا دل ۾ رکندو هجي ۽ جنهن جو هدف مٿانهون هجي انهن کي معلوم هجڻ گهرجي ته ڪو به خزانو محنت کان سواءِ ناهي ملندو، جيڪو انسان به عظيم مرتبي تي پهچڻ چاهي ٿو ته ان کي حاصل ڪرڻ ۾ هر ضروري ڪم انجام ڏيڻو پوندو.

امام علي عليہ السلام فرمائن ٿا ته:

مَنْ أَحَبَّ الْمَكارِمَ، اِجتَنَبَ الْمَحارِمَ[٢٦].

جيڪو به چاهي ٿو ته مڪرم (عزت وارو) ٿيڻ چاهي ٿو ان کي گهرجي ته حرام ڪمن کان پاسو ڪري.

---

[٢٦]. بحارالانوار ج ٧٧ ص ٤٢١ ، الارشاد مفيد ص ١٤٠

حضرت دائود عليہ السلام جي روايت ۾ آهي تہ الله تعالىٰ فرمايو:

ما لِأَوْلِيائي وَالْهَمِّ بِالدُّنْيا، إِنَّ الْهَمَّ يُذْهِبُ حَلاوَةَ مُناجاتي مِنْ قُلُوبِهِمْ، يا داوُدُ إِنَّ مَحَبَّتي مِنْ أَوْلِيائي أَنْيَكُونُوا رُوحانِيّينَ[٢٧].

منهنجي محبن کي دنيا جي غمن سان کهڙو کم؟ ڇو جو دنيا جي محبت انهن کان مناجات دعائن جي لذت کي ختم ڪري ڇڏيندي آهي، مان پنهنجي محبن کان اهو چاهيان ٿو تہ اُهي روحاني ٿين ۽ دنيا جي غمن کان پاسو ڪن.

ان جي ڪري خدا ۽ اهلبيت عليهم السلام جي محبن کي دنيا جي مسئلن ۾ مشغول نہ ٿيڻ گهُرجي ڇو جو دنيا جي فڪر ۽ مادیات جو شوق انسان کي الله تعالىٰ کان پري ڪرڻ جو سبب ٿئي ٿو دنيا جي محبت انسان کان الله تعالىٰ جو قرب کسي ڇڏيندي آهي، الله سائين ۽ اهلبيت

[٢٧]. لايَغْتَمُّونَ بحارالانوار ج ٨٢ ص ١٤٣

عليهم السلام جي محبت کي ٻہ گھٽ ڪري ڇڏيندي آهي پر معنوي ۽ روحاني ڪم انسان کي حقيقت کان آشنائي ڪرائن ٿا ۽ الله تعالىٰ ۽ اهلبيت عليهم السلام جو حقيقي محبوب ٻہ ناهن ٿا.

٥_ ٻين ماڻهن جي دلين تائين اهلبيت عليهم السلام جي محبت کي منتقل ڪرڻ، اهلبيت عليهم السلام سان محبت ڪرڻ وارن جي هڪ مهم نشاني اها آهي تہ اُهي پنهنجي رفتار ۽ ڪردار سان اهلبيت عليهم السلام جي محبت کي ٻين جي دلين تائين منتقل ڪري معاشري ۾ اهڙي طرح زندگي گذاري جو ماڻهون کيس ڪردار رفتار کي ڏسي اهلبيت عليهم السلام جي طرف مائل ٿين، الله خدا نہ ڪري ائين ٿئي جو ان جي ڪردار ۽ رفتار سان ماڻهون اهلبيت عليهم السلام سان نفرت ڪن.

امام جعفر صادق عليہ السلام جن فرمائن ٿا:

رَحِمَ اللهُ امْرَءاً حَبَّبَنا إِلَى النَّاسِ وَلَمْ يُبْغِضْنا إِلَيْهِمْ[٢٨].

الله رحمت ڪري انهن ماڻهن تي جيڪي ماڻهن جي دلين ۾ اسان جي محبت پيدا ڪن ٿا ۽ اسان جي لاءِ انهن جي دلين ۾ نفرت پيدا نہ ڪن ٿا.

سچي محبت:

اسان محبت ۽ ان جي آثار جي باري ۾ جيڪا بحث ڪئي ان مان واضح ٿيو تہ ماڻهن جي دلين ۾ اهلبيت عليهم السلام جي محبت پيدا ڪرڻ انهن جي تقوي ۽ ايمان ۾ واڌاري ۽ گناهن جي گهٽجڻ جو سبب آهي، ۽ ان مان هي بہ واضح ٿيو تہ ماڻهن کي ڪُهرجي تہ اهي اهلبيت عليهم السلام جي محبت کي ٻين ماڻهن جي دلين ۾ پيدا ڪن، سچي محبت ۽ دوستيءَ جون ڪجهہ نشانيون آهن جن جي

[٢٨]. بحارالانوار ج ٧٥ ص ٤٢١

ذريعي سان دوستن جي سجاڻ ڪري سگھجي ٿي ۽ سچي محبت ڪرڻ وارن ۽ ٻين ۾ فرق ڪري سگھجي ٿو ڇاڪاڻ ته محبت اڪسير آهي ان جي ڪري محبت، محب ۾ ڪجھ آثار پيدا ڪندي آهي جيڪا محبوب جي اهميت کي بيان ڪندي آهي سوچ سمجھ وارا ئي ڳالھ کي محسوس ڪندا آهن ته ڪنھن جي محبت کي دل ۾ رکڻ گھُرجي ڇاڪاڻ ته محبوب کي محب جي ڪردار، رفتار مان معلوم ٿيندو آهي هو مون سان ڪيتري محبت ڪري ٿو .

محبت ۽ دوستي جيتري ٻه وڌيڪ هوندي آهي محب ۽ محبوب جون نشانيون ايتريون ئي ظاهر ٿيندیون آهن، ڪڏهن ڪڏهن محبت ايتري وڌيڪ ٿي ويندي آهي جو محب، محبوب کي دنيا جي سڀني شين تي فضيلت ڏيندو آهي اهڙي محبت انسان جي ايمان ۽ عقيدي کي مضبوط ڪندي آهي، اهبليت عليهم السلام جي محبت خدا تي مڪمل ايمان جي نشانين مان هڪ نشاني آهي.

پاڻ ڪريم صلىٰ الله عليه وآله وسلم فرمائن ٿا ته:

لايُؤمِنُ عَبدٌ حَتّى اَكونَ أَحَبَّ إِلَيهِ مِنْ نَفْسِهِ، وَيَكُونَ عِتْرَتي أَحَبَّ إِلَيهِ مِنْ عِتْرَتِهِ، وَيَكُونَ أَهْلي أَحَبَّ إِلَيهِ مِنْ أَهْلِهِ، وَيَكُونَ ذاتي أَحَبَّ إِلَيهِ مِنْ ذاتِهِ[٢٩].

ماڻهون ان وقت تائين با ايمان نٿو ٿي سگهي جيستائين ان جي نزديڪ مان ان کان وڌيڪ محبوب نہ ٿي وڃان ۽ منهنجي اهلبيت سان پنهنجي اهلبيت کان وڌيڪ محبت نہ ڪري منهنجي خاندان جي محبت ان جي دل ۾ پنهنجي خاندان کان وڌيڪ هجي منهنجي ذات کي پنهنجي ذات تي وڌيڪ اهميت ڏيندو هجي.

جنهنجي محبت اهڙي هوندي ان جي محبت اسان سان سچي آهي هاڻي اسان جنهن ڪوفي ماڻهوءَ جو واقعو

[٢٩]. بحارالانوار ج ٧٥ ص ٤٢١

ذکر ڪيون ٿا ان شخص رسول خدا ۽ اميرالمومنين عليهما السلام جي اولاد ۽ گهراڻي کي پنهنجي اولاد ۽ گهراڻي تي مقدم رکيو، ڪوفي ۾ هڪ سروتمند انسان رهندو هيو جيڪو سيدن ۽ غريبن جي مدد ڪندو هيو ان جي حساب ڪتاب جي بُڪ ۾ اميرالمومنين عليہ السلام جي نالي سان هڪ ڪاتو هيو جيڪو انسان ان کان سامان وٺندو هيو جيڪڏهن ان وٽ پئسا نہ هوندا هيا تہ هو پنهنجي غلام کي چوندو هيو تہ ان جو حساب مولا جي ڪاتي ۾ لکي ڇڏ گهٽي عرصي ڪانپوءِ اهو سروتمند انسان غريب ٿي ويو هو پنهنجي گهر ۾ ويهي ڪري پنهنجي حساب ڪتاب واري بُڪ کي غور سان ڏسندو هيو جنهن جنهن وٽ ان جو ڪو قرض هيو جيڪڏهن اهو جيئرو هوندو هو تہ هو پنهنجي غلام کي ان ڏانهن موڪلي ڪري قرض جي واپسي لاءِ چوندو هيو جيڪڏهن اهو قرضدار هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري چڪو هوندو هو تہ ان جو نالو حساب ڪتاب مان صاف ڪري ڇڏيندو هو، هڪ ڏينهن اهو شخص پنهنجي گهر جي دروازي تي ان بُڪ

کي ڏسي رهيو هو تہ اتان هڪ ناصبي جو گذر ٿيو جنهن ڏسي ڪري چيو سپ کان وڌيڪ تہ تنهنجو قرض دار علي ابن ابيطالب عليهما السلام آهي ان تنهنجي کهڙي مدد ڪئي آهي؟

اهو بڌي اهو مومن ڏاڍو غمگين ٿي روئيندو پنهنجي گهر ڏانهن واپس ٿيو ان رات هن پاڻ سڳورن صلىٰ الله عليہ وآلہ وسلم کي خواب ۾ ڏٺو تہ پاڻ سڳورا صلىٰ الله عليہ وآلہ وسلم ڪنهن مقام تي موجود آهن امام حسن ۽ امام حسين عليهما السلام ان سان گڏ وجي رهيا آهن پاڻ ڪريم صلىٰ الله عليہ وآلہ وسلم انهن شهزادن کان پڇا ڪئي تہ توهان جو بابو ڪٿي آهي؟ اميرالمومنين علي عليہ السلام رسول خدا صلىٰ الله عليہ وآلہ وسلم جي پويان بيٺل هئا مولا جن وراڻيو ؛ يا رسول الله صلىٰ الله عليہ وآلہ وسلم مان حاضر آهيان پاڻ ڪريم صلىٰ الله عليہ وآلہ وسلم جن فرمايو يا علي عليہ السلام توهان فلاڻي شخص جو قرض چو نہ ڏا ادا ڪريو.

مولا جن فرمايو يا رسول الله صلىٰ الله عليہ وآلہ وسلم اهو هن جو دنيا جو حق آهي جيڪو مان ڪٽي آيو آهيان پاڻ سڳورن صلىٰ الله عليہ وآلہ وسلم جن فرمايو هن ڪي ڏئي ڇڏ اميرالمومنين حضرت علي عليہ السلام خيسي مان هڪ ٽيلي ڪڍي هن ڪي ڏيئي فرمايو هي تنهنجو حق آهي وڃ رسول خدا صلىٰ الله عليہ وآلہ وسلم جن فرمايو هي وڃ اڄ ڪان بعد منهنجي اولاد مان جيڪو بہ تو وٽ اچي ان جي مدد ڪجان ۽ اڄ ڪان پوءِ تون ڪڏهن بہ فقير نہ ٽيندي اهو شخص جئين ئي ننڍ مان سڃاڻ ٿو ڇا ڏسي تہ اها ئي ٽيلي ان جي هٿ ۾ آهي ان جلدي ئي پنهنجي گهرواري ڪي سڃاڻ ڪندي ڇيو جلد ئي ڏيئو ٻار ان ڏيئو روشن ڪيو ۽ مون جئين ئي اها ٽيلي کولي ڇا ڏسان تہ ان ۾ هزار اشرفيون موجود آهن منهنجي گهر واري مونکي ڇيو الله جو خوف ڪر ؛ ڇا تو فقر جي خوف کان ماڻهن کي ڏوڪو تہ ناهي ڏنو يا ڪنهن تاجر جو مال تہ ناهي چُرايو؟ مون ان کي ڇيو الله جي قسم ائين ناهي؛ پوءِ مان ان کي پورو خواب

وارو واقعو ٻڌايو پوءِ مان حساب وارو ٻُڪ کوليو ائين ڏٺم ته مولا جي حساب ۾ هزار اشرفيون لکيل هيون نه ان کان گهٽ نه ان کان وڌيڪ.

فوائد الرضويه ص ٣١١ ان مناسبت سان مولا امام جعفر صادق عليه السلام کان هڪ روايت آهي ته:

مَنْ أَعانَ فَقيرَنا، كانَ مُكافاتُهُ عَلى جَدِّنا محمّد صلى الله عليه وآله وسلم [٣٠].

جيڪو اسان منجهان ڪنهن فقير جي مدد ڪندو ان جو اجر منهنجي جد رسول خدا صلىٰ الله عليه وآله وسلم تي آهي .

ڪوڙي محبت:

ڪجهه ماڻهون اهلبيت عليهم السلام سان محبت ۽ دوستي جو اظهار ڪندا آهن ان باري ۾ پاڻ کي ايترو ته سچو ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪندا آهن جو ڪنهن کي به انهن تي شڪ ناهي ٿيندو ائين محسوس ڪرائيندا آهن ته انهن جو

[٣٠]. بحارالانوار ج ١٠٠ ص ١٢٤

وجود اهلبيت عليهم السلام جي محبت سان پريل آهي ۽ جڏهن اسان انهن جي ڪردار ، رفتار جي اهلبيت عليهم السلام جي ڪردار رفتار سان پيٽ ڪندا آهيون تہ ان وقت معلوم ٿيندو آهي تہ انهن جو اهلبيت عليهم السلام سان پري جو بہ ڪو تعلق ناهي انهن جي محبت ۾ ڪا بہ سچائي نہ هوندي آهي، ڪجھ ماڻهون پاڻ کي امام زمانہ (عج) جو سچو عاشق ۽ فداڪار چوندا آهن پر عمل ۾ ان جو حق (جيڪو خمس جي صورت ۾ انهن وٽ امانت آهي ۽ الله جي نعمتن جو سبب آهي) ان جي آل کي ادا ڪرڻ کان ڪيڀائيندا آهن. جيڪو شخص امام زمانہ (عج) جي پاڪ هدف ۾ خرچ ڪرڻ کان پاسو ڪري ٿو، چا اهو امام (عج) جي ظهور جي زماني ۾ پنهنجي جان فدا ڪندو؟ چا امام زمانہ (عج) پنهنجي توقيع ۾ ناهي فرمايو:

لَعْنَةُ اللهِ وَالْمَلائِكَةِ وَالنَّاسِ أَجْمَعينَ عَلى مَنِ اسْتَحَلَّ مِنْ أَمْوالِنا دِرْهَماً[٣١].

ان ماڻهون تي الله. فرشتن ۽ سيني ماڻهن جي لعنت آهي جيڪو اسان جي مال مان هڪ درهم کي به پنهنجي لاءِ حلال سمجهي.

امام محمد باقر عليه السلام اهلبيت عليهم السلام جي دعوي ڪرڻ وارن جي باري ۾ جابر کي مخاطب ڪيو:

يا جابِرُ، أَيَكْتَفي مَنْ يَنْتَحِلُ التَّشَيُّعَ أَنْ يَقُولَ بِحُبِّنا أَهلِ البَيْتِ؟ فَوَاللهِ ما شيعَتُنا إِلاَّ مَنِ اتَّقَى اللهَ[٣٢].

اي جابر! ڇا پاڻ کي شيعہ ڏيکارڻ (سڏرائڻ) ڪافي آهي ۽ چوي تہ مان اهلبيت عليهم السلام سان محبت ڪندو آهيان

---

[٣١]. بحارالانوار ج ٥٣ ص ١٨٣ ، ڪمالالدين ج ٢ ص ٢٠١
الصحيفہ المبارڪہ المهديہ ص ٢٨٢
[٣٢]. وَأَطاعَهُ بحارالانوار ج ٧٠ ص ٩٧

الله جو قسم اسان جو شيعہ اهو آهي جيڪو پرهيزگار هجي ۽ الله تعالىٰ جو فرمانبردار هجي.

ان فرمان مان واضح ٿئي ٿو تہ جيڪو بہ پرهيزگار ۽ الله جو فرمانبردار ناهي اهو محبت جي اظهار کي ڪافي نہ سمجهي.

نچوڙ:

محبت انسانن جي درد ۽ غم جي لاءِ مرهم آهي، محبت جي ڪشش انسان کي ان جي محبوب ڏانهن ڇڪي ٿي، محبت محبوب جي صفتن ۽ عادتن کي محب ۾ پيدا ڪرڻ سان گڏوگڏ انهن ۾ اضافي جو سبب بہ ٿيندي آهي، محبت جيتري وڌيڪ هوندي آهي محبوب ۾ روحاني ۽ معنوي ڪمال ايترا وڌيڪ پيدا ٿيندا آهن جيتري محبت وڌيڪ هوندي، ايترو ئي محبوب جو قرب حاصل ٿيندو آهي اها ئي مودت جي معني آهي جيڪا هر انسان کي اهلبيت عليهم السلام جي گهراڻي سان هجڻ گهُرجي ان مان معلوم

ٿئي ٿو تہ انسان اهلبيت عليهم السلام جي محبت ۽ مودت جي ذريعي پنهنجي روح کي بلند مرتبي تي فائز ڪري سگهجي ٿو ۽ ان گهراڻي جي ولايت مان استفادو ڪندي الله تعالىٰ جو قرب حاصل ڪريون جڏهن انسان کي الله تعالىٰ جو قرب حاصل ٿيندو اهو انسان گناهن جي دلدل مان ٻاهر نڪري ويندو انهن هستين جي محبت جو لازمو اهو آهي تہ جيڪو بہ انهن سان محبت ڪري اهو انهن جي اطاعت پيروي ڪري ۽ انهن جي دشمن کان نفرت ڪري اها آهي سچي محبت جيڪا انسان جي پنهنجي دل ۾ ۽ ٻين جي دلين ۾ بہ پيدا ڪري ٿو

جمعی که دم از مهر و ارادت دارند
در بام شرف ، کوس سیادت دارند
چون دست به دامان سعادت زده اند
پا بر سر نام و ننِگ عادت زده اند

تمت بالخیر